٭ڊاڪٽر بشير ’فياض لطيف‘ چانڊيو

# حافظ شيرازي ۽ شيخ اياز جي شاعريءَ جو تقابلي اڀياس
# (COMPARATIVE ANALYSIS OF POETRY OF HAFIZ SHIRAZI AND SHAIKHAYAZ)

***Abstract:***

Hafiz Shirazi (1315 - 1390) was born in Shiraz, a beautiful and historical city of Iran. He was not only a prominent Persian poet, scholar, and mystic, but also a great teacher. His poetry is notorious for its spiritual, aesthetic and romantic thoughts and themes. His poetry emphases on the unmatched power of love and transformative possessions of inaugural oneself up to all experience, including precious relationship of men with God. His poetry expresses and portraits the life in multidimensional colours, like: love, drunkenness, pleasure, grief and mysticism.

ShaikhAyaz (1923 - 1997) is very recognized modern sindhi poet, prose writer, intellectual and scholar of great calibre. His poetry is well-known for richness of thoughts, depth of feelings, exploration of themes, melody of words, metaphor and aesthetics. Ayaz's poetry ascertains beauty of nature, human love, social justice, Nationalism, patriotism, humanism, spirituality and Sufism, often usingopulent imagery and symbolism.

His poetry has had an insightful impact on sindhi language, literature and culture. He is extensively regarded as one of the greatest modern Sindhi and Urdu poet of the 20th century, and his work endures to inspire new generation a lot.

In this research paper, different aspects of poetry of Hafiz Sherazi and ShaikhAyaz has been discussed and analysed. From over all discussion and comparative study of the poets, it is cleared that not only Ayaz is inspired from the poetry of Hafiz but he lent a lot from life and philosophy of Sherazi.

٭اسسٽنٽ پروفيسر، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو



حافظ شيرازي جو پورو نالو ’خواجا شمس الدين محمد حافظ شيرازي‘ هو. سندس جنم اِيران جي شهر شيراز ۾ ٿيو. سندس جنم ۽ جدائيءَ جي تاريخن بابت مختلف عالمن ۽ محققن جا مختلف رايا آهن. ڪن جو چوڻ آهي ته، هُن جو جنم 1315ع ۽ وفات 1389ع ۾ ٿي.

"Hafiz of Shiraz was born about 1315 and died in 1389 A.D(Leonard: 2015, P:ix).

ڪي اُن خيال جا آهن ته، حافظ جي پيدائش 1388ع ۾ ۽ سندس وفات 1391ع ۾ ٿي آهي. ان حوالي سان ڪتاب، "he Persian Poets" جو مصنف لکي ٿو ته:

> The exact dates of his birth and death are unknown, but he was born in his beloved city of Shiraz, in the first part of the fourteenth century, and died, according to the inscription or chronogram on his tomb, in 1388 (Dole:2005, P:339).

پر حافظ شيرازيءَ جا اڪثر سوانح نگار سندس ڄمر جي تاريخ 1315ع ۽ وفات جي تاريخ 1390ع لکن ٿا. حافظ جي ڄمر ۽ وفات جي تاريخن بابت ته مختلف عالمن ۽ محققن کي اعتراض تي سگهن ٿا ۽ آهن. پر هُن جي غير معمولي ذات ۽ سندس سدا حيات شاعريءَ کان نه رڳو مڙيئي مصنف ۽ محقق مرغوب ۽ متاثر رهيا آهن، پر مغرب توڙي مشرق جا عام ماڻهو به سندس شاعريءَ جي فڪر ۽ فلسفي جا تمام گهڻو معترف رهيا آهن.

حافظ جي پيدائش ته هڪ ڪوئلي جي واپاري بهاوالدين جي گهر ۾ ٿي، پر هُن سڄي زندگي ماڻهن ۾ پنهنجي شاعري جي هيرن ۽ جواهرن جو وکر وِرهائي، عمر بسر ڪئي.حافظ شيرازي ننڍي عمر ۾ ئي قرآن مجيد حِفظ ڪري ’حافظ‘ هئڻ جو اعزاز حاصل ڪيو. جڏهن هُن شاعري ڪرڻ شروع ڪئي ته پنهنجو تَخلص ’حافظ‘ اختيار ڪيائين ۽ شيراز ۾ پيدا ٿيڻ ڪري پنهنجي تخلص سان گڏ ’شيرازي‘به لکندو رهيو. سندس اُها سڃاڻپ اڄ ايتري ته مَعروف ۽ مَقبول آهي، جو سندس اَصل نالو فقط ڪتابن ۾ ئي موجود ۽ محفوظ آهي، باقي ماڻهن جي دِلين ۾، هُو ’حافظ شيرازي‘ جي نالي سان زنده آهي. حافظ کي فارسي ٻولي ۽ ادب تي دسترس حاصل

هجڻ کان علاوه عربي ٻولي، ادب ۽ شاعريءَ جي نہ فقط سُٺي ڄاڻ هئي، پر عربيءَ جي ڪيترن ئي شاعرن جي فڪر جا مٿس اثر پڻ نمايان نظر اچن ٿا. خاص ڪري سندس شاعريءَ تي،

> مُتنبي، اَبوفراس، اَبو العلا معري ۽ ٻين شاعرن جي خيالن ۽ اظهارِ بيان جي چِٽي جهلڪ ملي ٿي (سنڌي:1923: 22).

حافظ پيشي جي لحاظ سان هڪ مُدرس ۽مُعلم هو. قرآن جي تعليم ڏيڻ لاءِ کيس بغداد جي هڪ ڪاليج ۾ پڻ مقرر ڪيو ويو هو. تخليقي ۽ فڪري حوالي سان کيس هڪ شهرِ آفاق شاعر، فلسفي ۽ صوفي طور ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. فلسفي جي ذريعي هُن اَنيڪ مُنجهيل سوالن جا شعوري ۽ فڪري جواب تلاش ڪيا، شاعريءَ کي هُن زندگي ۽ زندهہ رهڻ جو سهارو سمجهيو ، جڏهن تہ تصوف سندس روح جي رياضيت ۽ راحت هو.

شاعرن هڪ طرف فارسي شاعريءَ کي نَيون تصوراتي، تخيلي، احساساتي ۽ تخليقي وسعتون ڏئي، نئين اَسلوب، نَين ترڪيبن، اِستعارن، تشبيهن ۽ جمالياتي حُسناڪين سان آراستا ڪيو جيڪي اڳتي هَلي فارسي شاعريءَ جي شناخت بڻيون، تہ ٻي طرف اُهي ئي روايتون برصغير جي اردو ۽ سنڌي شاعريءَ تقليد طور اَپنائي، چڱي عرصي تائين،نہ فقط پنهنجو تخليقي سفر جاري رکيو پر اُنهن ئي روايتن جي بنياد تي، خاص ڪري جديد سنڌي شاعريءَ پنهنجا نَوان رَند ۽ پَنڌ بہ دريافت ڪيا.

فارسي شاعريءَ جي پارکن ۽ نقادن ڪلاسيڪي فارسي شاعريءَ کي فن، فڪر ۽ موضوعاتي حوالي سان مجموعي طرح چئن دورن ۽ دَبستانن ۾ تقسيم ڪيو آهي، جن مان پهريون دَبستان، 'فطرت ۽ حقيقت نگاريءَ' جي نالي سان مشهور آهي، جنهن جا نمائنده شاعر رودڪي (858 ـ 941)، فردوسي (940 ـ 1020)، ۽ فرخي سيستاني (1000 ـ 1040)، چيا وڃن ٿا، جن پنهنجي شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جي سادگي ۽ سلاست سان گڏ خيال جي اَبلاغ ۽ صوفياڻي رمزيت کي وڏي اوليت ۽ اهميت ڏني آهي.

ٻيو دَبستان، 'فصاحت، بلاغت، اصلاح، رنگيني ۽ لَطافت' جو آهي،جنهن ۾ شاعرن جو گهڻو ڌِيان ۽ زُور داخلي رَمزيت، لفظي لَطافت ۽ احساساتي اظهار جي اُور رهيو. اهڙن شاعرن ۾ عُمر خيام (1048 ـ 1131)، سَنائي (1080 ـ 1131)، خاقاني (1120 ـ 1190)، اَنوَري (1126 ـ 1189)، نِظامي گنجوي(1141 ـ 1209)،۽ مولانا جلال الدين رومي (1207 ـ1273) شامل آهن.

ٽيون دَبستان، 'رومانوي،عاشقانا، عارفانا ۽ ثناخواني' جي احساسن ۽ اظهار تي مُحيط آهي، جنهن جي پاسدارن ۽ نمائنده شاعرن ۾ قطران تبريزي(1009 ـ 1072)،سعدي شيرازي (1210 ـ 1291)، اَمير خُسرو(1253 ـ 1325)،۽ خواجہ حافظ شيرازيءَ (1315 ـ 1390) جا نالا نمايان آهن، جن قصيده گوئي، مَثنوينگاري ۽ غزل گوئيءَ ۾ اهڙو تہ ڪمال ڪيو آهي، جنهن جو مثال فارسي شاعريءَ ۾وڏي عرصي تائين ورلي ڪنهن شاعر وٽ نظر اچي ٿو.

جڏهن تہ چوٿون دَبستان،'روايتي ۽ رواجي موضوعن ۽ فني صنعتگيري' جي آميزش تي مشتمل آهي، جنهن ۾ سواءِ ڪجهہ خيالن جي پيچيدگين،ٻوليءَ جي نفاست ۽ تخيلي باريڪين جي، ڪا وڏي فڪري ڇال ۽ فني نواڻ گهٽ ملي ٿي، بلڪ اُهو دور گهڻو ڪري سعدي ۽ حافظ شيرازي جي قائم ڪيل فڪري روايتن جو وَرجاءُ ۽ وَرلاءُ ئي محسوس ٿئي ٿو.

حافظ شيرازي نہ رڳو پنهنجن متقدمين، پر پنهنجن همعصرن جي فن ۽ فڪر جا اثر پڻ قبول ڪيا آهن.

> حافظ جو رباعيون عمر خيام جي رباعين جي اسلوب ۾ آهن ۽ انهن جي زبان جي اُها ئي لطافت آهي. حافظ مثنوي جي هيئت ۾ قطعا لکي، نظاميءَ جي تقليد جي سُٺي ڪوشش ڪئي آهي. هُو 'ساقي نامہ' ۽ 'آهوي وحشي' ۾ بہ نظاميءَ جو انداز اختيار ڪري ٿو ۽ سعديءَ جي شوخ ۽ شيرين بيان سان نظر اچي ٿو....ساڳيءَ ريت هُن رودڪي ۽ انوريءَ جي ڪن مصرعن جي تضمين بہ ڪئي آهي. هُن ڪي خيال سنائي ۽ نظامي کان بہ اَخذ ڪيا آهن. ڪن ترڪيبن ۽ خيالن ۾ خاقاني ۽ ڪمال اصفهاني بہ سندس اڳيان رهيا آهن. اهڙيءَ طرح سعدي ۽ روميءَ کان بہ ڪٿي ڪٿي متاثر نظر اچي ٿو. ايتري قدر جو خواجو، سلمان ساوجي ۽ عماد فقيہ کان بہ ڪجهہ شيون اخذ ڪيون اَٿس (سنڌي: 1923: 22)

پر هُو فارسي شاعري، خاص ڪري غزل۾ هڪ نئين ۽ منفرد اسلوب ۽ احساس سان اهڙي اثرائتي نموني سامهون آيو آهي، جنهن فارسي ادب ۾ کيس هڪ نرالي ۽ الڳ شناخت عطا ڪئي آهي.دراصل حافظ شيرازيءَ غزليہ شاعريءَ ۾ جيڪو فاصلو

اورانگھيو آهي، چيو وڃي ٿو تہ اَڄ تائين فارسي شاعريءَ ۾ ٻيو ڪو شايد ئي اُنهيءَ اُتاهين تائين رَسي، اڳتي وڌي ۽ اُن کي پَارِ ڪري سگهيو آهي.

حافظ شيرازي غزل ۾ حرفِ آخر جي حيثيت رکي ٿو. هُن نہ رڳو غزل کي هڪ شعري صنف ۽ صنعت طور منفرد مَقام ڏنو ۽ اُن ۾ عجب جهڙا تجربا ڪيا، پر انسان جي جذبن ۽ احساسن جي لطافت کي لفظن ۽ معنائن جا اهڙا اهڙا لباس پهرايا آٿس، جو ڪي ڪي شعر پڙهي، سندس زبان جي شيريني ۽ لطافتن تي واه واه ڪندي، پڙهندڙ سندس معنوي گهراين ۽ استعارن جي وسعت ۾ گم ٿيو وڃن(نياز: 2018: 15).

اُهو ئي سبب آهي جو، حافظ جي شاعريءَ، نہ صرف اِيران، پر مَشرق توڙي مَغرب جي وڏي اڪثريت کي موهيو ۽ متاثر ڪيو آهي. حافظ جي شاعريءَ جو انگريزي ترجمو ڪندڙجيٽروڊ بيل کان وٺي اِمرسن، نِتشي، رڊيارڊ ڪِلپنگ، رِچرڊ بَرٽِن ۽ ايڇ. ٽي. سورلي تائين ڪيترائي مغربي عالم، مفڪر، نقاد ۽ اديب آهن، جيڪي سندس شاعريءَ جي فڪري گهرائي ۽ تخيلي اُڏام جا عاشق ۽ گرويده آهن. ساڳيءَ ريت مشرق ۾ غالب، علامہ اقبال، فيض احمد فيض، شيخ اياز ۽ ٻين اَنيڪ اردو ۽ سنڌي شاعرن تي حافظ شيرازيءَ جي خيالن ۽ فڪر جو نمايان اثر نظر اچي ٿو. وڏي ڳالهہ اُها آهي تہ، شاهہ لطيف جهڙي باڪمال شاعر جي شاعريءَ تي پڻ حافظ جي فڪر ۽ فلسفي جا گِهراءِ ڇِٽا اَثرَ مِلن ٿا. حافظ شيرازي جي غزل جو هڪ شعر آهي تہ:

آفتاب از روئي او شد در حجاب،
سايہ را باشد حجاب از آفتاب.

(يعني سج هُن جي مُنهن جي چمڪي کان جَهڪو ٿي ٿي ويو، پاڇو سج جي روشنيءَ کان لِڪي ٿي ويو.)(نياز: 2018: 98).

حافظ جي مٿين خيال جو روح پنهنجي اظهار ۾ سمائيندي، لطيف ڪيڏي نہ ڪمال فڪري ۽ احساساتي حُسناڪيءَ سان اُن کي هِن طرح بيان ڪري ٿو:

ڪٽي نيڻ خُمار مان، جان ڪيائون ناز نظر،
سورج شاخون جَهڪيون، ڪوماٽو قمر،
تارا، ڳتيون تائب ٿيا، ديکيندي دلبر،
جَهڪو ٿيو جوهر، جانب جي جمال سين.
(شاهہ لطيف)



نہ رڳو ايترو پر شاهہ لطيف، حافظ شيرازيءَ جي ڪيترن ئي شعرن جا سنڌيءَ ۾ منظوم ترجما پڻ ڪيا آهن. حافظ جو هڪ مشهور شعر آهي تہ:

گوءِ شمع جان معشوقي، بگر دراز عاشقي،
عشق آموز اندر سوختن، پروانهرا.

حافظ جي مٿين شعر جو لطيف هِن طرح تخليقي ۽ منظوم ترجمو ڪيو آهي:

پُڇ پتنگن کي، سَنديون ڪامڻ خبرون،
آٽيو وِجهن آڳ ۾، جيءَ پنهنجا جي،
جيئري جنين کي، لڳا نِيزا نينهن جا.
(سُر يمن ڪلياڻ، د: 3)

ساڳيءَ ريت مَغرب جي عام ماڻهن توڙي اديبن ۽ شاعرن جو وڏو تعداد آهي، جيڪو حافظ جي ڪلام کان مَرغوب ۽ متاثر رهيو آهي. شيخ اياز لکي ٿو تہ:

هُن جو اَثر گوئٽيءَ جهڙي جرمنيءَ جي عظيم شاعر تي بہ هُيو، جنهن جرمن زبان ۾ (هُن جيان) غزل لِکيا ها، جا مَغربي ادب ۾ بلڪل نئين ڳالهہ هئي...حافظ ايراني غزل گو شاعرن ۾ نهايت اعليٰ مَقام رکندو هو...شراب جي سُرور، نِشاط ۽ طَرب جي نَغمہ سِرائي ۾، مَشرق ۾ هُن جو ڪوئي ثاني نہ ٿو مِلي، اُنهيءَ ڪري هُن کي دنيا جي عظيم ترين شاعرن ۾ شمار ڪيو ويندو آهي، جنهن جي ثابتي هُن جي ديوان جي شرحن مان بہ مِلي ٿي، جي ڪافي تعداد ۾ موجود آهن... حافظ کي پُراڻي زماني ۾ پُراسرار مَقبوليت مِلي ۽ ماڻهو هُن جي ڪلام مان فال ڪڍي، رهنمائي حاصل ڪندا هُيا ۽ هُن کي 'لِسان الغيب' جي لقب سان ياد ڪندا هئا (شيخ: 1992: 300).

حافظ کي اُها سموري تعظيم شاعريءَ جي بدولت ئي نصيب ٿي آهي. دنيا ۾ حافظ شيرازيءَ جي شاعريءَ سان ماڻهن جي وڏي اڪثريت عشق ڪري ٿي، پر ساڻس شيخ ايازجي اُنسيت ۽ محبت جو رنگ پنهنجو آهي. اياز، حافظ شيرازيءَ کان صديون پوءِ پيدا ٿيو، پر هُن جو ساڻس بي تڪلفي، شعوري هم آهنگي، محبت ۽ هُجت جو ايترو قريبي رشتو آهي، جو هُو پنهنجي هڪ نظم ۾ حافظ سان پنهنجي تصوراتي مُلاقات جو احوال هِن ريت اُوري ٿو:

رات اسان جي مِيخاني ۾،
آيو خَرقَہ پُوش،
ڳوليو هر ڪنهن ديواني ۾،
هُن جو صَبر و هوش،

هُن چيو "حافظ آهيان، يارو!
شهر اَٿم شِيرازُ
منهنجي مئہ نوشي مِيخوارو!
آهي عين نماز!"
مون چيو "حافظ! اَچ، اَچ، مون سان
خَرقو لاهي وِيهُہ!
پهريون ٿيءُ اسان جئن عُريان،
پوءِ چائنٺ مان پِيهُہ!
توکي هِي مُلا جو خَرقو
ڪنهن پاتو آ يار!
پيءُ اسان سان ويهي نانگو،
جي آهين مِيخوارُ!".
(پونر پري آڪاس، 1989، 168)

شيخ اياز(1923 ـ 1997) توڙي جوفارسي شاعريءَ جي ميخاني مان اَنيڪ شاعرن جي مَڌُ مان سُرڪِيون ڀَريون آهن، پر حافظ جي فڪر ۽ فلسفي مان هُن تمام گهڻو پيتو ۽ پُرجهيو اٿس.ايازُ حافظ شيرازي ۽ فارسي شاعريءَ سان پنهنجي اَزلي نينهن ۽ناتي جو ذڪر ڪندي مختلف وقتن تي لکيو آهي تہ:

منهنجو بابا لکنؤ الهہ آباد ۽ حيدرآباد دَکن ۾ ڪيئي سال رهيو هو. اردو ۽ فارسيءَ تي اُن کي گهڻي مَهارت حاصل هئي. اُن وسيلي حافظ، غالب ۽ ٻيا ڪيترائي شاعر، مون ننڍپڻ ۾ ئي پڙهي ڇڏيا هئا(شيخ: 1987: 173).

مان جڏهن پنجون درجو انگريزي پڙهندو هوس تہ عمر خيام جون ساريون رُباعيون، حافظ جو سارو دِيوانُ، علامہ اقبال جا ڪجهہ ڪتابَ، ديوانِ غالب ۽ سعديءَ جو نثر بہ ياد هوندا هُيا. (شيخ: 1995: 31).

مان شاهہ لطيف، ڪوي ٽئگور، مِيران ٻائي، حافظ، خيام، خليل جبران، گوئٽي، پُشڪن، ماياڪووِسڪي ۽ بادليئر کان ڪافي متاثر ٿيو آهيان. لطيف، ٽئگور، مِيران ۽ حافظ وحدت الوجود جي فلسفي جا قائل آهن، باقي ٻين جا مُتضاد نظريا آهن، جي سڀ ائين آهن، جيئن روشنيءَ جا مختلف رَنگَ(شيخ: 1987: 169).

شيخ اياز اُنهن مِڙني روشنيءَ جي رنگن جهڙن سِرجڻهارن کان، نہ رڳو احساساتي اُتساهہ ۽ فڪري ساهس حاصل ڪندو رهيو آهي، پر هُن جهڙيءَ ريت حافظ شيرازيءَ جي شاعريءَ جي مَڌُ مان سُرڪيون ڀَريون، سُرور ماڻيا ۽ سندس بي مثال فڪر ۽ فن



مان پُرجهيو ۽ پِرايو آهي، اُهو سندس شاعريءَ جي اڀياس مان آسانيءَ سان پَرکي سگهجي ٿو.
اياز جي شاعريءَ توڙي نثري تحريرن جو جڏهن بغور مطالعو ڪجي ٿو، تڏهن ڪيترين ئي جاين تي، هُو نہ فقط فارسي شاعريءَ جي نامور شاعرن جو ذڪر ڪري ٿو، ۽ موقعي جي مناسبت سان پنهنجن لِکڻين ۾، اُنهن جا شعر شامل ڪري ٿو پر ڪيترن ئي تخليقڪارن کان متاثر ٿيڻ سان گڏوگڏحافظ شيرازيءَ کانپڻ فڪري، فني ۽ احساساتي طرح تمام گهڻو مَرغوب ۽ مائل محسوس ٿئي ٿو:

حافظ شيرازيءَ جي شاعريءَ جي ٻن اِستعارن کي سندس شارحن گهڻو وَرجايو آهي، سي آهن 'عشق ۽ شراب (نياز: 2018: 6).

هُن جي شاعريءَ ۾ عشق ۽ شراب جا موضوع ايترا تہ حائل ۽ حاوي آهن، جو اُنهن ٻنهي کي هڪٻئي کان ڌار ڪري، بيان ڪرڻ مشڪل ئي نہ، پر جهڙوڪر ناممڪن آهي، ڇو تہ هُن جي ڪلام شراب، عشق جي سَرمستيءَ سان مَعمور ۽ عشق،شراب جهڙن خُمارن سان سَرشار آهي.سندس هِنن سِٽن مان ڪجهہ سُرور ۽ سُندرتائن جو واسُ اوهان بہ وٺو:

ما در پيالہ عکس رخ يار ديده ايم،
اے بي خبر ز لذتِ شرابِ مدامِ ما.

(اسان محبوب جي مُنهن جو عڪس شراب جي پيالي ۾ ڏٺو آهي، اي شراب جي لذت کان نا آشنا! اسان جي مي نوشي کي ڪيئن ٿو خراب چوين!).(نياز: 2018: 53).

مستي بہ چشم شاهدِ دلبند خوش اَست،
زان رو سپرده اند بہ مستي زمامِ ما.

(اسان جي محبوب جي اکين ۾ خُمار ۽ مَستي ڪهڙي نہ پياري ٿي لڳي، اُن ڪري ئي اسان پاڻ کي سُرور ۽ مَستيءَ جي سُپرد ڪري ڇڏيو آهي.)، (نياز: 2018: 53).

شيخ اياز پنهنجي شاعريءَ ۾ حافظ شيرازيءَ جي ساڳين ئي خيالن ۽ احساسَن جي اُپٽار ڪندي، مِي پرستي ۽ موهہ پسنديءَ جي حقيقت ۽ حُسناڪين کي هِن ريت اظهاري ٿو:

پِيئڻ ۽ جِيئڻ، مَتو مَتِوالن جو
پِيري ساڻ پَرڻ، سُرڪيون تنهنجي سونهن جون.

....

پيتي ڙي پيتي، پيالي اسان پريت جي،
بَدلي نَشي نِينهن جي، نيت ۽ نيتي،
هارائي جيتي، بازي اسان بِرهہ جي.
(پونرپرياڪاس، 1989، 12)

....

اي سراپا شَباب ويجهو آءُ،
مثلِ شعر و شَراب ويجهو آءُ.
مَرمَرين جسم، اَحمرين اکڙيون،
هاءِ! تنهنجو شَباب، ويجهو آءُ.
شبنم آلود لبَ ڪٽي مون وٽ،
مثلِ بَرگِ گُلاب ويجهو آءُ.
(پونرپرياڪاس، 1989، 194)

جهڙيءَ ريت سنڌي شاعريءَ ۾، ’ذَرتي ۽ سَرتيءَ‘ جا اِستعارا، اُن جي خاص خصوصيت ۽ خوبصورتي آهن، ساڳيءَ ريت ’مِي، جام، صُراحي ۽ مِينوشيءَ ‘جا اِستعارا ۽ علامتون، فارسي شاعريءَ جي خاص خوبي ۽ شناخت سمجهيا وڃن ٿا. جيڪي پڻ حافظ جي شاعريءَ ۾ججها نظر اچن ٿا. پر سندس شاعريءَ ۾’ذرتيءَ‘ سان گڏ ’مجازي عشق ۽ سَرتيءَ‘ سان اُنسيت جا موهيندڙ احساسَ پڻ جام مِلن ٿا. هُن جو پنهنجي مٿيءَ سان موهہ مثالي آهي، پر هُو پنهنجي محبوب تان هر شيءِ گُهوري ڇڏڻ جو اظهار زندهہ دليءَ سان ڪري ٿو. ايتري تائين جو هُو جڏهن پنهنجي جَذب ۽ مَستيءَ ۾ مَگن ٿي، پنهنجي محبوب سان ملاقاتي ٿئي ٿو تڏهن پنهنجي پرينءَ جي سونهن، ناز اَدائن ۽ سندس ڳَلَ جي تِرَ تان ثَمرقند ۽ بُخارا بہ صَدقي ڪرڻ لاءِ هِن ريت تيار ٿي وڃي ٿو:

اگر آن ترک شيرازي بہ دست آرد دلِ مارا،
بہ خالِ هندويش بخشم سمرقند و بخارا را.

(جيڪڏهن اسان جو محبوب شيرازي تُرڪ، پنهنجي قُربداريءَ جو هَٿُ اسان جي دل تي رکي تہ، جيڪر آءٌ هُن جي ڪاري تِرَ تان سَمرقند ۽ بُخارا قُربان ڪري ڇڏيان)،(نياز: 2018: 60).

حافظ جي محبوب جي حوالي سان بہ ڪئين قصا ملن ٿا. ڪن هُن کي ڇوڪراٽي عشق جو عادي ڪوٺي ڪيس شيراز جي ڪنهن ڇوڪري جي چاهت ۾ چور قرار ڏنو



آهي تہ، ڪي وري ڪيس عورت جو عاشق ۽ مشتاق ڪوٺي، سندس ناتي ۽ نينهن جي ڳالهہ ڪن ٿا.

هڪ قصي ۾ ڪيس شاخ نبات نالي ڇوڪريءَ جو عاشق ۽ شيدائي ٻُڌايو ويو آهي(سنڌي: 1923: 16).

جڏهن تہ ڪجهہ شارحن جو چوڻ آهي تہ، حافظ، ’شاخِ نبات‘ جو استعارو پنهنجي شاعريءَ لاءِ استعمال ڪيو آهي.

حافظ جي شاعريءَ ۾ بار بار اظهاريل،’شاخِ نِبات’ جي ڪردار ۽ استعاري جي اصليت ڇا آهي؟، اُن بابت ڪجهہ وثوق سان چئي نہ ٿو سگهجي، ڇو تہ اُن سلسلي ۾ ڪو مصدق مواد نہ ٿو ملي، پر حافظ جي شاعريءَ ۾ اُن جو ذڪر ڪثرت سان ملي ٿو. جنهن کي هُو مختلف استعارن ۽ علامتي اندازن سان پنهنجي شاعريءَ ۾ انتهائي اثرائتي ۽ گهڻ رُخي معنوي ۽ احساساتي انداز ۾ اظهاري ٿو. جيئن هيٺين شعر ۾ ڪيس مِٺو ميوو چوندي، لِکي ٿو:

کلکِ حافظ شکرين شاخ نباتست بہ چين،
کہ در اين باغ نہ بيني ثمر بهتر ازين.

(حافظ جو قلم ’شاخِ نبات’ جو مِٺو ميوو آهي، اُن کي چِڱي وٽ، ڇو تہ تون هن باغ ۾ ان کان بهتر ڪو ميوو نہ ڏسندين)،(نياز:2018: 31).

يا وري پنهنجي شاعريءَ جي مِيٺاج، سموري خوبين ۽ خوبصورتين کي ’شاخِ نبات’ جي دين ڪوٺيندي، اُن جو اظهار هِن ريت ڪري ٿو:

اين همہ قندو شکر کن سخنم مي ريزو،
اجر صبر يست کز آن شاخ نباتم دا دند.

(هي سمورو ميٺاج، جيڪو منهنجي ڪلام ۾ موجود آهي، اُهو اُن صبر جو ڦَل آهي، جو مون کي شاخِ نبات عطا ڪيو آهي) (نياز: 2018: 31).

پر ٻئي طرف حافظ جو پنهنجي ڌرتيءَ سان عشق ۽ اُنس جو عالَمَ اُهو آهي جو، هُو نہ رڳو ساري حياتي پنهنجي پونءِ ’شيراز‘ کي محبوبہ وانگر پنهنجن ٻانهن ۾ ٻَکي رکي ٿو، پر اُن کي بهشت ۾ وڃڻ کان پوءِ بہ، ٻيهر پَسڻ جي سَڌَ ۽ تَمنا جو اظهار پنهنجي شاعريءَ ۾ هِن ريت ڪري ٿو:

بده ساقي مئہ باقي کہ در جنت نخواهي يافت،
کنارِ آبِ رکن آباد و گلگشتِ مصليٰ را.

(اي ساقي! بوتل ۾ بچيل باقي مَڌُ بہ پِياري ڇڏ، ڇو تہ جنت ۾ ’رُڪناباد ڍنڍ‘ جو ڪنارو ۽ ’مُصليٰ‘ جي نظارن جو دَرشن وري ڪڏهن نصيب ٿئي اَلائي نہ!). (نياز: 2018، 60).

شيخ اياز پڻ پنهنجي ديس، خاص ڪري ٿَر جي گُلن، ڦُلن، وَڻن ٽڻن، پِٽن ۽ واريءَ کي ساراهيندي، اُن جي حُسن ۽ جمال کي، نہ رڳوساري ڏيهہ کان مختلف ۽ مُنفرد سمجهي ۽ سُرڳ سمان تصور ڪري ٿو، پر مَرڻ کان پوءِ بہ وري اُنهيءَ ماڳ تي موٽي اچڻ جي اِڇا جو اظهار هِن طرح ڪري ٿو:

ٿر جي ٿڌي ريت تي، چانڊوڪي ڇَٽڪِي،
منهنجو مَنُ پٽڪِي، موٽي آيو ماڳ تي.

....

مَري پنهنجي موت کان، پُنتي نِهاريان،
اکيون جئن ناريان، ٿر جي ٿڌي ريت تي.
(52)

....

ساٿي! مون دنيا گُهمي، ڇونديو آهي ٿَرُ،
جڻ ڪنهن سُرڳ سمان آ، واريءَ تي هي گهَرُ،
سانجهيءَ وير اَمرُ، آهي رَتيءَ ريت تي.
(اَڪن نيرا ڦُليا، 1988، 53)

حافظ شيرازي لاءِ پنهنجي جنم ڀومي، هِن جهان ۾ ئي جنت سمان هئي، ڇو تہ سندس ديس ’شيراز‘، خاص ڪري جنهن جي ٻِن علائقن ’رُڪناباد‘، جيڪو ڀهاڙن جي وچ ۾ هڪ وادي ۽ حسين ڍنڍ جي صورت ۾ واقع آهي، ۽ ٻيو ’مُصليٰ‘ جو ماڳ، جيڪو هڪ مشهور سير گاهہ ۽ سُندر گُلستان آهي، جنهن کي رُڪناباد جي جهيل سيراب ڪري ٿي، اُهي ڪيس جانِ جهڙا عزيز ۽ پيار جهڙا پيارا هئا ۽ هُو اُنهيءَ ڍنڍ جي ڪناري تي ويهي، نہ فقط فطرت جي مَدهوش ڪري ڇڏيندڙ نظارن کي پَسندو هو، پر اُتي ئي پوپٽ جي پَرن جهڙا رنگين شعر بہ سِرجيندو هو. عجيب ۽ حُسنِ اتفاق اُهو آهي، جو اَڄ حافظ شيرازي اُنهيءَ حسين ماڳ جي آغوش ۾ ئي اَبدي آرامي آهي. هاڻي



اُنهيءَ جاءِ ۽ اُن جي مُضافات کي حافظ شيرازيءَ جي آخري مَسڪن هجڻ سبب، ماڻهو محبت ۽ عقيدت منجهان ’خاڪِ مُصليٰ‘ ۽ ’حافظي‘ ڪوٺين ٿا. حافظ جو پنهنجي ڌرتيءَ سان ايترو اُنس ۽ عشق هو، جو هو ساري زندگي پنهنجي وطن کان سواءِ ٻيو ڪيڏانهن بہ ٻاهر نہ نڪتو. هُن سموري حياتي پنهنجي جنم ڀومي شيراز ۾ بسر ڪئي ۽ اُتي ئي اَنهتر سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو.

حافظ شيرازيءَ وانگر شيخ اياز جو پنهنجي ’ڌَرتي ۽ سَرتيءَ‘ سان موهہ ۽ محبت بہ مثالي ۽ منفرد آهي. توڙي جو اياز ڏيهہ جي ڪيترن ئي علائقن جي سير سفر سان گڏوگڏ پرڏيهہ جي ڪجهہ ملڪن کي ڏوري ڏٺو پر حافظ جيان هُن کي بہ پنهنجو ديس دلبر وانگر انتهائي عزيز آهي. هُن پنهنجي شاعريءَ ۾، ’سنڌ وطن‘، جنهن کي هُو ڪٿي ’ماءُ‘ تہ ڪٿي ’محبوبہ‘ ڪوٺي ٿو، اُن کي ايترو ڳَٿرت، پيار ۽ پنهنجائپ سان ڳايو آهي، جو اُنهن ڪوتائن کي پڙهي، هڪ وِديشيءَ جي جيءَ ۾ بہ، اُن لاءِ بي ساختہ پيار ۽ پنهنجائپ جا احساسَ جاڳي پون ٿا.

سارِن سَٿيون سمنڊ جئن، ڇوليون اُتر واءُ،
ڌرتي! منهنجي ماءُ، مون منُ توسان موهيو
(43)

....

ويڙهي وئين آهين، هاڻ تہ منهنجي مَنَ کي،
جاڏي ٿي ڪاهين، تاڏي آءُ وڃان پيو.
(19)

....

هي جو منهنجو هينئڙو، هاڻي وَسِ نہ مون،
آهين تون ئي تون، مون کي مون ڏي ٿي ڇڪين.
(اَڪن نيرا ڦُليا، 1988، 20)

اياز لاءِ ’سِنڌ‘ پنهنجي ’جِندُ‘ جيان آهي، جنهن لاءِ هُو نہ رڳو چڪور جيان چريو آهي، پر مور وانگر ماندو بہ آهي، تڏهن ئي تہ پنهنجي ’مِنڙي سنڌ‘ سان وڏي چاهت ۽ عقيدت سان مخاطب ٿي چوي ٿو:

تو تان واريان جِندُ، منهنجي مِنڙي سِنڌُ،
تون آن منهنجو چَندُ، تہ آهيان تنهنجو آءُ چَڪورُ،

تون بادل جئن بَرسين مون تي، مان هان تنهنجو مورُ،
تو تان واريان جِندُ، منهنجي مِنڙي سِنڌُ.

(پونرپرياآڪاس، 1989، 177)

اياز جي شاعريءَ ۾ حافظ وانگر هڪ نہ، پر ڪيترين ئي محبوبائن جو ذڪر ملي ٿو، جن کي هُن پنهنجن شعرن ۾ سمايو آهي. هُن جي زندگي، عشق ۽ محبت جي معاملي ۾ سندس ئي هِيئين شعر جو عملي نمونو رهي آهي.

ڪنهن ڪاريءَ ڇَڄَ تي رات ڪُٽي، ڪنهن ڳاڙهي ڳل تي باک ڦُٽي،
ائن وقت ڳتيو ائن عمر لُٽي، سڀ سانگ سجايو آ پيارا!

(اياز 1995، 50)

حافظ شيرازي پنهنجي ڌرتيءَ تي، نہ رڳو اَمن ۽ آشتيءَ جو شاندار دور ڏٺو پر هُن پنهنجي پوئين دور ۾ ڪيئي ڏُکَ ڏاکِڙا ڏِسڻ کان علاوه پنهنجن اکين سان پنهنجن پيارن جا قتل ٿيندي ۽ پنهنجي ديس کي مذهبي تفرقي ۽ جنگ و جدل جي آڳ ۾ جَلندي بہ ڀَسيو. شاهہ اَبو اسحاق، جيڪو شيراز جو حاڪم، هڪ سنو شاعر ۽ شاعرن جو قدردان هو، اُن نسبت سان هُو حافظ جي شاعريءَ جو نہ صرف وڏو مَداح هو، پر سندس دوست ۽ هم خيال بہ هو، جنهن کي اقتدار جي پوڄارين پاران قتل ڪيو ويو، جنهن کان پوءِ پورو ايرانخانہ جنگيءَ جي وَر چڙهي ويو، اُنهيءَ خونريزي ۽ سنگين حالتن کي حافظ پنهنجن اکين سان ڏٺو، جنهن هُن جي مِيڻُ جهڙي مَنَ کي، نہ رڳو رِجائي ۽ حساس نيڻن کي لُڙڪن سان ڀِڄائي ڇڏيو، پر وجودي طرح ڪيس ڀَڃي ۽ ڀوري وِڌو.

ساڳيءَ طرح اياز بہ پنهنجي ڏيهہ ۾ انيڪ ڏجها ۽ مصيبتون برداشت ڪيون. آمرن ۽ عِلمَ جي دشمنن پاران مٿس مُلحد ۽ ديش دروهي جون تهمتون مَڙهيون ويون، پر هُو سچ چوڻ ۽ سچ لِکڻ کان ڪڏهن ڪونہ مُڙيو. هُن ڪنهن جي فرمائش تي لِکڻ بدران سدائين دل جي آکڻ ۽ مَن جي دَڳَ تي هَلڻ کي ترجيح ڏني، نتيجي ۾ آخري دم تائين مختلف عتابن ۽ الزامن جي زد ۾ رهيو، مگر هُن ڪڏهن بہ آڻِ نہ مڃي، ۽ هميشہ پنهنجي انهيءَ آدرش تي اَٽل رهيو تہ: ’هُو چوَن ٿا هِئين چَئہ، آءٌ چوان ٿوائين نہ چوندس.‘
شيخ اياز پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾ لِکي ٿو:



مون وانگر حافظ جو زمانو بہ جنگ، قتل ۽ تباهيءَ جو زمانو هو. هُو وسيع قلبَ وارو شخص هو، پر ٻاهران ڏِيکَ وِيکَ رکڻ وارن جي سنگت هُن کي نہ وَڻندي هئي، اُن ڪري هُن تصوف ۽ اُن جي معرفت ڏانهن ڏيان ڏنو (شيخ: 1997: 53).

حافظ شيرازي نہ رڳو هڪ سُڄاڻ شاعر، ۽ مَن موجي عارِفُ ۽ عُشاق هو، پر تاريخي، سياسي ۽ سماجي شعور رکندڙ هڪ مُفڪر ڪوي هو، جنهن جي شاعريءَ ۾ سماج، ڌرمن، حڪمرانن، خانقاهن، محتسبن، قاضين، عابدن، زاهدن ۽ ظاهر پرست مُلن تي سخت تنقيد ملي ٿي. هُن پنهنجي سموري حياتي،نہ رڳو غور ۽ فڪر ۾ گُذاري، پر وقت جي فِرعونن سان مُهاڏو اَٽڪائي، اُنهن جي بعيت کان انڪار ڪيو، نتيجي ۾ ڪيس ڪيترين ئي تڪليفون ڏنيون ويون، پر هُن ڪڏهن بہ آڻ نہ مڃي.

حافظ پنهنجي شاعريءَ ۾ سدائين پنهنجي ديس ۽ ڌرتيءَ جي ڳُڻن کي نہ فقط ڳايو آهي، پر پنهنجي دور جي شاهن ۽ شهنشاهن جي آڇيل تُحفن،تاجن ۽ تختن کي ٺُڪرائي، اُنهن جي هر سِتم ۽ سَفاڪيءَ کي وڏي جُرئت ۽ بهادريءَ سان هِن ريت لَلڪاريو ۽ وائڪو بہ ڪيو آهي:

چور بيخود گشت حافظ کہ شمارد،
بيک جو مُلڪتِ ڪائوس و ڪےِ را.

(جڏهن حافظ بيخود بڻجي ٿو، تڏهن ڪائوس جي تاج ۽ تخت ڏٽين کي بہ تِڇُ سمجهي ٿو).(نياز: 2018: 66).

حافظ شيرازيءَ وانگرشيخ اياز جو دور بہ افراتفري، عدم برداشت، مذهبي تنگ نظري ۽ سياسي طرح انتشار، آمريت ۽ فڪري طرح پئد ۽ پابندين جو دور هو، جنهن ۾ سندس ڪتابن تي بندشن وجهڻ کان علاوه ڪيس ڪيئي ڀيرا شهر بدر ڪري، قيد ڪوٺڙين جو باندي ۽ اَسير بہ بڻايو ويو. هُن وقت جي آمر ۽ جابر قوتن خلاف پنهنجي قلم کي تلوار وانگر استعمال ڪري، نہ رڳو هرجَبرُ ۽ ڏاڍا ڳيان جُهڪڻ کان انڪار ڪيو، پر سدائين آمريتن کي لَلڪاري، ظالم ۽ ظُلم خلاف پنهنجي مزاحمتي شاعريءَ جو عَلمُ بُلند رکيو. اياز بہ حافظ شيرازيءَ وانگرهر جبر ۽ اِستبداد جو اِنڪاري هو، اُنهيءَ ڪري هُن سدائين طاقتورن ۽ آمرن سان مُهاڏو اَٽڪائي،اعلي اعلان ساڻن مخاطب ٿي، جُرئت ۽ بهادريءَ سان هِن ريت لَلڪاريو ۽چيو آهي تہ:

منهنجو اَگُھ پُڇين ٿو آمِرَ!
منهنجا گيت ڳِنهي سگهندين تون؟
(وِڇون وَسڻ آئيون:2008، 294)

جهڙيءَ ريت حافظ شيرازي پنهنجي دور جي حالتن ۽ پنهنجي اندر جي ڪيفيتن کي اثرائتي انداز سان پنهنجي شاعريءَ ۾ اظهاريو ۽ پنهنجي وطن جي حُسناڪين کي بيان ڪيو آهي، ساڳي طرح ئي اياز به پنهنجي ديس ۽ پنهنجن دلي اُڌمن کي شاعريءَ جي زبان ۾ ڀرپور نموني سان اُپٽاريو آهي.

حافظ جي شاعريءَ ۾ تصوف جو رنگ به جابجاءِ نظر اچي ٿو. هُن جو خارجي مشاهدو ۽ تجربو به ڪمال جو آهي، پر هُن جي اندر جي اکِ ايتري عميق ۽ دور رَس آهي، جو اُها ماضي ۽ مستقبل جي رازن ۽ رمزن کي ڏسڻ ۽ پرکي سگهڻ جي سُڌِ ۽ سُرتِ رکندڙ هئي، تڏهن ئي ته سندس شاعريءَ جي انگريزي مترجم جيٽروڊ بيل ( Gertrude Bell) لکيو آهي ته:

حافظ جي اندروني اکِ کي اهڙي نظر حاصل آهي، جو هو اهڙن خيالن ۽ تصورن تائين پهتو جن تي اسين گهڻو پوءِ پهچي سگهياسين (نياز: 2018: 6).

هُو هڪ اهڙو صوفي لاکوفي هو جنهن وٽ ’مجاز‘ ئي ’حقيقت‘ تائين رَسائي جو ذريعو به هو ته روح جي راحت ۽ مِڙني روڳن جي نجات به. تنهنڪري ئي چوي ٿو ته:

عقل گر داند ڪہ دل در بند زلفش چون خوش اَست،
عاقلان ديوانہ گردند از پِيِ زنجيرِ ما.
رويءِ خوبت آيتي از لطفِ بر ما ڪشف ڪرد،
زان سبب جز لطف و خوبي نيست در تفسيرِ ما.

(عاقلن کي جيڪڏهن معلوم ٿي وڃي ته زلفن جي قيد ۾ عاشقن جي دل ڪيئن نہ خوش آهي ته جيڪر هُو اُن پويان ديوانا ٿي پون. اي محبوب! تنهنجي سونهن جي محابي، اسان تي هڪ آيت عيان ٿي، انهيءَ ڪري ئي اسان جي بيان ۾ لطف ۽ اسان جي اندر ۾ ايتري سرمتي آهي)،(نياز: 2018: 66).

شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ پڻ تصوف جون رعنائيون ۽ رنگينيون جَهلڪندي نظر اچن ٿيون. هُن وٽ تصوف جو تصوررروايتي درگاهن ۽ خانقاهن وارو نہ، پر ’خود آگهي ۽ ’خدا شناسيءَ‘ وارو آهي. هُو هِن ڪائنات جي اِسرارن توڙي انسان جي وجودي مَعمائن ۽ احساساتي مامرن کي سمجهڻ ۽ ساڃاهڻ جو سگهارو ذريعو ڪنهن ٻي کي



نہ پرخود ’انسان‘ کي ئي سمجهي ٿو ڇو ته اُن جي شعوري فهم ۽ وجدان ذريعي ئي سمورن اِسرارن کي پرکي ۽ پروڙي سگهجي ٿو اُهو ئي سبب آهي، جو هُو به حافظ وانگر ’خدا‘ ۽ اُن جي ’خدائي‘ کي ’ماڻهوءَ‘ ۾ ۽ ’ماڻهوءَ‘ ذريعي ڳولي لهڻ جي ڳالهه هِن ريت ڪري ٿو:

نہ هُو ماهتاب، نہ هُو آفتاب آ، سائين!
مَگر ’اياز‘ ڪيو انتخاب آ، سائين!
اسان سوال ڪيو هو خدا به آهي ڇا؟
اوهان جو حُسن اُنهيءَ جو جواب آ، سائين!
(اياز،1995، 212)

**نتيجو:**

مجموعي طرح ڏسجي ته حافظ جو ڪلام خوبين ۽ خوبصورتين جو هڪ مَها ساگر آهي، جنهن مان شيخ اياز سميت بين الائي ڪيترن شاعرن اَڻ مَئيو پيتو ۽ پُرجهيو آهي.حافظ شيرازي ۽ شيخ اياز ۾ فڪري، تخيلي ۽ احساساتي طرح هوڻ ته ڪيترين ئي هم آهنگيون ۽ هڪجهڙايون آهن. جن مان ڪجهه اياز جي مطالعي جو نتيجو آهن ته ڪجهه وري سندس تخليقي ۽ لاشعوري احساس جو ماحاصل آهن، پر ٻنهي ۾ هڪ مُشترڪ ڪمال جي هڪجهڙائي اُها آهي ته هي ٻئي سِرجڻهار ۽ مفڪر نہ رڳو اُميد پرستيءِ زندگيءَ جا شاعر آهن، پر پنهنجي ڌرتيءَ جا عاشق به آهن ته پنهنجن ماڻهن جا معشوق به. هِنن ٻنهي جي خيال، جمال ۽ احساس جي خدائي ايتري ته حُسناڪ ۽ وسيع آهي، جو اُنهن جي شاعريءَ جا مشتاق صرف سندن ديس واسي ئي نہ آهن، پر هُنن جي فڪر ۽ سُرت مان ڪيترن ئي پُربصيرت پارکن ۽ دل وارن گهڻو ڪجهه پِرايو ۽ حاصل ڪيو آهي ۽ اڃا انيڪ پُرش سندن فن ۽ فڪر مان فيضياب ٿي سگهن ٿا، اُها خوبي، خوبصورتي ۽ جمالياتي سگهه ٻنهي شاعرن جي شاعريءَ ۾ موجود آهي.

**حوالا**

شيخ اياز.(1987). خط، انٽرويو تقريرون ـ 1،حيدرآباد: نيو فيلڊس پبليڪيشنس.
شيخ اياز(1987). جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي،حيدرآباد: ساهت سپا پبليڪيشن
شيخ اياز.(1992).ڳتين ڳر موڙيا جڏهن ـ 2.حيدرآباد: نيو فيلڊس پبليڪيشنس

شيخ اياز (1995).ڪتي تہ پيجبو ٽڪ مسافر.حيدرآباد: نيو فيلڊس پبليڪيشنس

شيخ اياز.(1997).ڪتي نہ پيجبو ٽڪ مسافر ـ 3.ڪراچي:سنڌي ادبي اڪيڊمي

نياز محمد يعقوب. (2018).ديوان حافظ شيرازي.ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.

سنڌي يوسف (مرتب) (2023).هر دور جو شاعر حافظ شيرازي. دڙو:سچائي اشاعت گهر

Lewisohn Leonard.(2015, P:ix).Hafiz and the religion of love in classical persion poetry.Iran:I.B.Tauris & Co. Ltd, Iran heritage foundation.

N.H.Dole.(2005,P:339).The Persian Poets.New Delhi: Cosmo publications